14

# پيسٽيسائيڊون (جيتمار دوائون) زهر آهن
# Pesticides Are Poisons


| هن باب ۾: | صفحو |
|---|---|
| پيسٽيسائيڊون صحت جا ڪيترائي مسئلا پيدا ڪن ٿيون | 252 |
| ٻار ۽ پيسٽيسائيڊن جو زهر | 253 |
| ٻارن کي پيسٽيسائيڊن کان بچائڻ | 254 |
| قصو: ڳوناڻن جي پيسٽيسائيڊ زهر خلاف مهم | 254 |
| پيسٽيسائيڊ زهر جو علاج | 256 |
| بحث لاءِ تصوير: پيسٽيسائيڊ دوائون جسم ۾ ڪيئن داخل ٿين ٿيون؟ | 260 |
| پيسٽيسائيڊ دوائن جا صحت تي پوندڙ ديرپا اثر | 261 |
| پيسٽيسائيڊن جي زهر جون نشانيون ٻين بيمارين جهڙيون لڳن ٿيون | 264 |
| قصو: ڊاڪٽرن وٽ سدائين جواب نٿو هجي | 265 |
| سرگرمي: جسم جو نقشو/ خاڪو ناهڻ | 266 |
| پيسٽيسائيڊ جي استعمال دوران ان جي نقصان کي ڪيئن گهٽائجي | 267 |
| ڪاٽن تي پيسٽيسائيڊ | 271 |
| گهرن ۾ جيتن جڻين ۽ ڪوئن تي ضابطي رکڻ لاءِ | 272 |
| پيسٽيسائيڊ دوائون ماحول کي نقصان پهچائين ٿيون | 272 |
| پيسٽيسائيڊن لاءِ مزاحمت | 273 |
| پيسٽيسائيڊن بابت تعليم | 274 |
| قصو: آبادگار خودمختيار ٿيڻ لاءِ منظم ٿين ٿا | 274 |
| سرگرمي: پيسٽيسائيڊن جا اپاءَ چٽڻ | 274 |
| سرگرمي: پيسٽيسائيڊن تي لڳل چٽڪيون ڪيئن پڙهجن ۽ سمجهجن؟ | 276 |

# جيتمار دوائون زهر آهن



پيسٽيسائيڊون يا جيتمار دوائون (pesticides)، اهڙا ڪيميائي مادا آهن جيڪي جيتن، ڪوئن/ ڪترينڊڙ جانورن ۽ اهڙي گندگاهه کي ناس ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا جيڪي اسانجي صحت يا اسانجي فصلن کي نقصان پهچائين ٿا. انهن کانسواءِ پيسٽيسائيڊون ٻين به ڪيترين شين جهڙوڪ: ڪارائتن ٻوٽن ۽ جيتن سميت جانورن ۽ انسانن تي پنهنجا زهريلا اثر ڇڏين ۽ انهن جي موت جو سبب بڻجن ٿيون. پيسٽيسائيڊون ڪنهن هڪ هنڌ تي استعمال ڪرڻ کانپوءِ پري پري هنڌن تائين پهچي زمين، پاڻيءَ ۽ هوا کي غليظ ڪري ڇڏين ٿيون.

هن باب ۾ **پيسٽيسائيڊ** اصطلاح مان مراد اهڙا ڪيميائي مادا آهن جيڪي پيسٽ (pest) يعني آزارينڊڙ جاندار کي ناس ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيا وڃن ٿا. جن ۾ شامل آهن:

- **جيت جڻيا مارينڊڙ (Insecticides)**
- **گندگاهه ختم ڪندڙ (Herbicides)**
- **ڦنگي / فنگس ناس ڪندڙ (Fungicides)**
- **ڪترينڊڙ جانور مارينڊڙ (Rodenticides)**

آبادگار، سدائين پيسٽيسائيڊون استعمال نٿا ڪن. ڪيترا بنا پيسٽيسائيڊن جي به جهجهو فصل حاصل ڪن ٿا. جيڪڏهن توهان وٽ اهڙي مکياري هجي ته توهانجيءَ ۽ زمين جي صحت لاءِ پيسٽيسائيڊون استعمال نه ڪرڻ بهتر ٿئي ٿو. ڇو ته، **پيسٽيسائيڊون ڪڏهن به بي مضر ٿي نٿيون سگهن.** پر جڏهن ڪڙمي، آبادگار يا ڪو فرد پيسٽيسائيڊن جو استعمال ڪرڻ ضروري سمجهندو هجي تڏهن انهن جي استعمال جا ڪي اهڙا طريقا آهن جن رستي انهن جي هاڃيڪار اثرن کي گهٽائي وڌ ۾ وڌ ممڪن حد تائين بچاءُ ڪري سگهجي ٿو.

## جيتمار دوائون ڇو ٿيون استعمال ڪيون وڃن ؟

**جيتوڻيڪ جيتمار دوائون ڪاڏي، پوک، آبادگارن يا ماحول لاءِ صحتمند ناهن تنهن هوندي بہ ماڻهو انهن جو استعمال ڇو ٿا ڪن؟**




عام طور تي پيسٽيسائيڊون زرعي مشينن، آبپاشيءَ جي شاهي سرشتن ۽ گهٽ اُجوري تي ڪم ڪندڙ پورهيتن رستي استعمال ڪيون وڃن ٿيون تہ سرڪار بہ اهي **رعايتي اگهن** تي وڪرو ڪري ٿي تہ جيئن حاصل ٿيندڙ فصل سستي اگهہ تي وڪڻي سگهجي. پيسٽيسائيڊون هر ان شئي کي ناس ڪري ڇڏين ٿيون جيڪا فصل جي اپت گهٽائيندڙ يا فصل کي گهٽ دلڪش بڻائيندڙ هجي. اهوئي سبب آهي جو وڏا زرعي ادارا پيسٽيسائيڊن کي وڏيڪ اناج اپائڻ جي هڪ طريقي طور استعمـ ڪندا رهيا آهن.

عام طور تي ننڍا آباگار، وڏن زرعي فارمن جي ريسر اهوئي سمجهن ٿا تہ کين بہ پيسٽيسائيڊن جو استع ضرور ڪرڻ گهرجي. ائين اڄ جو آبادگار پنهنجي ڪٽنب جي پيٽ پرڻ جي ڪوشش ۾ اها ڳالهہ وساري ويهي ٿو تہ سيان سندس ۽ سندس ڪٽنب جي صحت جو ڪهڙو حشر ٿي سگهي ٿو. ڇو تہ، پيسٽيسائيڊن رستي فصلن اپائڻ سبب انساني صحت ۽ ماحول کي وڏي قيمت پرڻي پوي ٿي.

استعمال جي ڪجهہ وقت ڪانپوءِ پيسٽيسائيڊ دوائون وڌو هاجو رسائين ٿيون. ڇو تہ، سالن تائين ڦوهاري ڪرڻ سان پيسٽ/ هاجيڪار جيتن ۾ پيسٽيسائيڊن جي ڪيميائي مادن لاءِ **مزاحمت** پيدا ٿئي ٿي. ان ڪانسواءِ پيسٽيسائيڊون ڪيترن اهڙن جيتن ۽ پکين کي بہ ماري ڇڏين ٿيون جيڪي آزاريندڙ نتا ٿين پر اصل ۾ فصلن کي نقصان رسائيندڙ جيتن کي ناس ڪندڙ ٿين ٿا. اهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ سبب پيسٽيسائيڊون فصلن کي نقصان پهچائيندڙ جيتن کان بچائي نہ ٿيون سگهن جنهن سبب فصلن جي پيداوار گهٽجي وڃي ٿي ۽ ننڍا آباگار غربت جو شڪار ٿي وڃن ٿا. ان کان بہ وڌيڪ بدتر ڳالهہ هيءَ آهي تہ هر سال، هزارين انسان، پسٽيسائيڊن جي زهريلن اثرن سبب مري وڃن ٿا ۽ ڪيترا بيمار ٿي پون ٿا.

پيسٽيسائيڊون ٺاهيندڙ ڪمپنيون هميشہ اهوئي چونديون رهن ٿيون تہ، انهن رستي آبادگار "دنيا جي پيٽ پرڻ" ۾ مددگار ٿين ٿا. جڏهن تہ اصل ۾ اهي ڪمپنيون، پيسٽيسائيڊن جي ديرپا اثرن کي نظرانداز ڪندي رڳو پنهنجي مالي فائدي لاءِ سوچينديون رهن ٿيون. پيسٽيسائيڊون بہ انياءَ ۽ بيمار سرشتي جو هڪ اهڙو جزو آهن جيڪي رڳو چند ماڻهن کي مالامال تہ باقي سڀني کي لڳوءِ اگهو ڪنديون رهن ٿيون.

## پيسٽيسائيڊن جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا

پيسٽيسائيڊن جا ڪيترائي قسم ٿين ٿا جن کي مختلف ملڪن ۾ مختلف نالن سان سڏيو ويجي ٿو. ڪي پيسٽيسائيڊون انتهائي خطرناڪ هجڻ سبب مٿن ڪيترن ملڪن ۾ بندش ٿئي ٿي ته بين ملڪن ۾ عام جام وڪرو ٿينديون رهن ٿيون.




پيسٽيسائيڊون مختلف صورتن ۾ ٺاهيون وڃن ٿيون: پائوڊر جي صورت ۾ جيڪي پاڻيءَ سان ملائي ڦوهارو ڪجن ٿيون. داڻيدار، جيڪي دز جي صورت ۾ هنيون وڃن ٿيون. پاڻيٺ جي صورت ۾ ڦوهاري ڪرڻ لاءِ، ٻجن جي لاءِ تهه طور. ڪوئن ۽ ڪترينڊڙ جانورن کي مارڻ لاءِ گورين جي صورت ۾. مڇر ڀڄائيندڙ ڪوائل ۽ ڪوئا مار زهر اهڙيون عام پيسٽيسائيڊون آهن جيڪي ڪوئن ۽ مڇر جي آزار ختم ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيون وڃن ٿيون.

پيسٽيسائيڊون دٻن، بوتلن، باٽلين ۽ ٿيلهين وغيره ۾ وڪرو ڪيون وڃن ٿيون. اهي جن ڊرمن/ ڪنٽينرن/ ٽانون ۾ اچن ٿيون انهن بجاءِ ٻين شين ۾ وجهي وڪرو ڪيو وڃن ٿيون. **پيسٽيسائيڊون سدائين زهريليون ٿين ٿيون** پوءِ چاهي اهي ڪهڙي به قسم جي، ڪهڙي به روپ ۾ ۽ ڪهڙيءَ به پئڪنگ ۾ ڇو نه هجي!



## پيسٽيسائيڊون صحت جا ڪيترائي مسئلا پيدا ڪن ٿيون

جڏهن ڪو فرد، پيسٽيسائيڊن سان لاڳاپي ۾ اچي ٿو تڏهن ان سبب پيدا ٿيندڙ بيماريءَ جون ڪيتريون نشانيون پيدا ٿي سگهن ٿيون. ڪيتريون نشانيون پيسٽيسائيڊن سان لاڳاپي ۾ اچڻ شرط ظاهر ٿين ٿيون ته ڪيتريون ڪيترن ڪلاڪن، ڏينهن يا سال ڪانپوءِ ظاهر ٿين ٿيون.

ڪيترا فرد پيسٽيسائيڊن سبب متاثر ته ٿين ٿا پر ڪين اهڙي خبر پئجي نٿي سگهي. ڌوبي، گند ڪچرو ڍوئيندڙ ريسائيڪلنگ ڪندڙ ۽ اهڙا بيا فرد جن جو سنئون سڌو پيسٽيسائيڊن سان لاڳاپو ۽ واهپو ٿئي ٿو اهي به ايترائي خطري ۾ ٿي سگهن ٿا جيترا آباگار. ڪين اهڙي جاڻ رکڻ گهرجي ته سندن ماحول ۾ پيسٽيسائيڊون موجود آهن ۽ انهن لاءِ ڪين گهربل احتياط وٺڻ گهرجن جهڙا آبادگار وٺن ٿا.

**پيسٽيسائيڊن جي زهر جون نشانيون:**




**پيسٽيسائيڊ جي زهرجڻ جون ٻيون عام نشانيون آهن:** موڳائپ، ڪمزوري، گهمڻ ۾ تڪليف، ڌيان ڏرڻ ۾ تڪليف، بي چيني، پريشاني، پواٽتا خواب ڏسڻ ۽ ننڊ جو مسئلو.

جيڪڏهن پيسٽيسائيڊون استعمال ڪندي توهانکي مٿين مان ڪو به مسئلو پيدا ٿئي ته هڪدم اهو هنڌ ڇڏي وڃو. اتي ايترو وقت نه ترسو جو توهانجي حالت بدتر ٿي وڃي. **هڪدم اسپتال يا صحت مرڪز هليا وڃو!**

### شديد زهرجڻ جون نشانيون:

بيهوشي، پيشاب ۽ پيٽان وبهڻ تي ضابطو نه رهڻ، ڇپن ۽ ننهن جو نيرو ٿي وڃڻ، ڏڪڻي.



پيسٽيسائيڊ جو شديد زهر ماري سگهي ٿو

## ٻار ۽ پيسٽيسائيڊن جو زهر

پيسٽيسائيڊون، وڏن جي پيٽ ۾ ننڍن ٻارن لاءِ وڌيڪ خطرناڪ ٿين ٿيون. ڇاڪاڻ تہ ٻار ننڍا ۽ واڌ ڪندڙ ٿين ٿا. اهي پيسٽيسائيڊن جي ايتري مقدار سبب بہ بيمار ٿي سگهن ٿا جيترو وڏن لاءِ نقصانڪار نٿو ٿئي. پيسٽيسائيڊن جو جيڪو مقدار وڏن کي بيمار ڪري سگهي ٿو اهو ايهمن ۽ ننڍن ٻارن لاءِ موت جو ڪارڻ ٿي سگهي ٿو.



### ٻارن ۾ پيسٽيسائيڊن جي زهر جون نشانيون:

پيسٽيسائيڊن جو ننڍڙو وزن بہ ڪنهن ٻارڙي جي سکڻ ۽ واڌ ڪرڻ جي لياقت متاثر ڪري سگهي ٿو. مختلف قسمن جي الرجي ۽ ساهہ جا اهڙا مسئلا پيدا ڪري سگهي ٿو جيڪي سڄي عمر هلي سگهن ٿا.

### ٻارن ۾ پيسٽيسائيڊن جي زهر جون عام نشانيون:



- ساٽائي
- کنگهہ جا دورا
- دست
- ڳيڙيون ۽ ڏڪڻي
- معدي ۾ سور
- بيهوشي
- چمڙي جا ڳاڙها نشان

### ٻارن جي ڪيميائي مادن ۾ وائکي ٿيڻ جي مهينن يا سالن کانپوءِ پيدا ٿيندڙ نشانيون:

- الرجي
- ساهہ جا مسئلا
- سکڻ ۾ تڪليف
- ڪينسر
- صحت جا ٻيا مسئلا جيڪي بدتر ٿي وڃن
- آهستي واڌ

پيسٽيسائيڊن سبب ٻارن ۾ جائي ڄمر جا نقص بہ پيدا ٿي سگهن ٿا (ڏسو ص. 324).

زهريلا ڪيميائي مادا ٻارن تي ڪيئن اثر ڪن ٿا (ان لاءِ وڌيڪ ڏسو ص. (322).

ڀين ڪيترين تنظيمن جڏهن اتي اچي صورتحال جو مشاهدو ڪيو ته هنن به شري پادري ۾ ڊاڪٽر جي ڳالهه جي تائيد ڪئي. ائين اها ڳالهه پڪڙبي ويئي ته ماڻهن جي صحت جي تباهي جو سبب اينڊوسلفان آهي.

ڳوناٽن پلانٽيشن آفيسن (plantation offices) وٽ گڏ ٿي مطالبو ڪيو ته دوا جو ڦوهارو ڪرڻ هڪدم بند ڪيو وڃي. پلانٽيشن آفيسرن، پيسٽيسائيڊ ٺاهيندڙ ڪارخاني ۾ ڪن مقامي اختيارين، ان ڳالهه کي رد ڪيو ته صحت جا اهي مسئلا اينڊوسلفان سبب پيدا ٿيا آهن. پوليس گهرائي احتجاج ختم ڪرايو ويو.

ترت ئي مقامي پريس ۾ ٿي وي اهڙيون خبرون ڏيڻ شروع ڪيون ته ستت ئي سڄيءَ انڊيا ۾ دنيا جي ماڻهن کي خبر پئجي ويئي ته صحت جا اهڙا مسئلا اينڊوسلفان سبب پيدا ٿيا آهن. وفاقي سرڪار، ڪيرالا ۾ اينڊوسلفان جي استعمال تي بندش هٽي ڇڏي.

جڏهن ته، پيسٽيسائيڊ ٺاهيندڙ ڪمپني پوءِ به اهو دليل ڏيندي رهي ته اينڊوسلفان هاجيڪار ناهي. ڪمپنيءَ ڊاڪٽرن ۾ سائنسدانن کي خرچي پاڻي ڪرائي ڪانئن اهو چورايو ته، اتي جي پيدا ٿيندڙ صحت جي مسئلن جو اينڊوسلفان سان ڪوبه لاڳاپو ناهي. پيسٽيسائيڊ ٺاهيندڙ ڪمپني جي دٻاءَ سبب جلد ئي بندش ختم ڪئي ويئي ۾ پادري ۾ وري پوک تي اينڊوسلفان جو ڦوهارو ڪرڻ شروع ٿي ويو.

ان علائقي جي آبادگارن، ڊاڪٽرن ۾ ڳوناٽن سرڪار کان گهر ڪئي ته هن مسئلي جو اپاءُ ڪرايو وڃي. نيٺ سرڪار پادري ڳوٺ جي رهواسين سان سهمت ٿي ته: اينڊوسلفان هڪ موتمار زهر آهي. هڪ قانون منظور ڪري ان هيٺ، انڊيا جي هن علائقي ۾ اينڊوسلفان جي استعمال تي هميشه لاءِ بندش هنئي ويئي.

جڏهن ته ڀين ڪيترن ملڪن سميت انڊيا جي ڀين حصن ۾ اجان به اينڊوسلفان جو ڦوهارو ڪيو وڃي ٿو. قانون چوي ٿو ته، اهو ڪن هنڌن تي زهر آهي. جڏهن ته، ڀين هنڌن تي هاجيڪار نٿو سمجهيو وڃي. اينڊوسلفان جهڙن زهرن تي رڳو تڏهن ئي بندش پئجي سگهجي ٿي جڏهن سڀ ماڻهو مڙي مٿ ٿي اهڙن زهرن ٺاهيندڙ ڪارخانن ۾ سرڪار تي تبديلي آڻڻ لاءِ دٻاءُ وجهن.



## پيسٽيسائيڊ زهر جو علاج:

ٻين ڪيترن زهريلن ڪيميائي مادن جيان، پيسٽيسائيڊ ٻه مختلف طريقن سان ماڻهن کي زهر ڪري سگهن ٿا: چمڙيءَ ۾ اکين رستي، وات رستي، يا هوا رستي. هر قسم جي زهر جو مختلف علاج ڪرڻو پوي ٿو.

## جڏهن پيسٽيسائيڊون چمڙيءَ کي لڳي پون:



ون پيسٽيسائيڊون تڏهن چمڙي رستي جسم ۾ داخل ٿين ٿا جڏهن نيئڻ دوران پون ٿيون، پاڻيءَ سان ملائڻ دوران انهن جون ڦينگون لڳن ٿيون، انهن جو کيو وجي ٿو يا جڏهن ڦوهاري ڪيل فصل کي هٿ لاتو وجي ٿو. ساڳئي طرح هانجي ڪپڙن رستي پڻ پيسٽيسائيڊون چمڙيءَ سان لڳي پون ٿيون يا جڏهن سائيڊ لڳل ڪپڙا ڌوتا وجن ٿا.

ڙيءَ رستي جسم ۾ داخل ٿيندڙ پيسٽيسائيڊ زهر جي پهرئين نشاني، چمڙيءَ جا ڳاڙها شان ۽ خارش ٿيڻ آهي. جيئن ته چمڙيءَ جون اهڙيون تڪليفون ٻين ڪيترين شين سبب پڻ پيدا ٿي سگهن ٿيون جهڙوڪ: ڪن ٻوٽن کي ڇهڻ سان انهن جو پيدا ٿيندڙ ردعمل، جيتن جا چڪ، انفيڪشن يا ائلرجي تنهنڪري اهو ٻڌائڻ ڏکيو ٿئي ٿو ته اهڙي تڪليف پيسٽيسائيڊن سبب پيدا ٿي آهي يا ڪنهن ٻئي سبب. ٻين ڪارڪنن سان ڳالهه ڪري ڏسو ته توهان جنهن فصل جو ڪم ڪيو ٿا اهو ٻه هن قسم جو مسئلو ته پيدا نٿو ڪري. جيڪڏهن توهان ڪنهن پيسٽيسائيڊ جو استعمال ڪندڙ آهيو ۽ ان سبب اوچتو چمڙي تي ڳاڙها نشان پيدا ٿي پون ٿا تڏهن اهڙين حالتن ۾ هميشه بهتر اهو سمجهي علاج ڪجي جڻ ته اهي پيسٽيسائيڊن سبب پيدا ٿيا آهن.

**عـلاج:**



- جڏهن توهان يا ڪنهن ٻئي کي جسم تي پيسٽيسائيڊون لڳي پون:
- جنهن ڪپڙي يا ڪپڙن تي پيسٽيسائيڊ لڳي/ هارجي پيئي هجي اهي لاهي ڇڏيو.
- جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي صابڻ ۽ ٿڌي پاڻيءَ سان چمڙيءَ تان اهو پيسٽيسائيڊ ڌوئي ڇڏيو.
- جيڪڏهن اک کي لڳو/ منجهس هليو ويو هجي ته صاف پاڻيءَ سان 15 منٽن تائين اک کي ڌوئيندا رهو.

جيڪڏهن پيسٽيسائيڊ سبب اک سڙي پيئي آهي:

- ان حصي کي ٿڌي پاڻيءَ سان سنيءَ طرح ڌوئو.
  - سڙيل حصي سان چنبڙي پيل ڪنهن به شئي کي نه هٽايو.
  - ڪنهن به قسم جو لوشن، سٽپ، مکُ يا مکڻ وغيره نه هڻو.
  - ڦلوڪڙا نه ڦيهو.
  - لڙکي پيل چمڙي نه ڪٽيو.
  - ان حصي کي اسٽرلائيز پٽي (ملي سگهي ته) سان ڍڪي ڇڏيو



- **جيڪڏهن سور برقرار رهي ته طبي مدد حاصل ڪريو!** ان سان گڏ پيسٽيسائيڊ جي دٻي تي لڳل چٽڪي يا پيسٽيسائيڊ جو نالو به پاڻ سان گڏ ڊاڪٽر/هيلٿ سينٽر کڻي وڃو.

پيسٽيسائيڊ توهانجي چمڙيءَ، وارن ۽ ڪپڙن ۾ به موجود ٿي سگهي ٿي. ممڪن آهي ته اها توهان ڏسي يا سنگهي نه سگهندا هجو. هر دفعي جي پيسٽيسائيڊ استعمال ڪرڻ کانپوءِ هميشه صابڻ سان وهنجي ڇڏيو.

## جڏهن پيسٽيسائيڊون ڳهي وڃجن



جيتمار دوائن جي ڦوهاري ڪيل ڪاڏي ڪائڻ سان توهان اڳتي هلي بيمار ٿي سگهو ٿا.

جڏهن ٻنيءَ تي پيسٽيسائيڊن جي استعمال دوران ڪاڌو پيتو يا سگريٽ ڇڪيو وڃي يا اهڙو پاڻي پيتو وڃي جيڪو پيسٽيسائيڊن سبب ڪنو ٿي ويو هجي تڏهن پيسٽيسائيڊون پيٽ هليون وڃن ٿيون. ٻار خاص طور تي جڏهن اهي دٻن ۾ رکيل هجن ۽ اهڙا دٻا کاڌي جي شين رکڻ لاءِ استعمال ڪجن يا اهي ڪليل ۽ هيٺ زمين تي رکي ڇڏجن. تڏهن پي يا کائي وڃن ٿا.

### علاج:

جڏهن ڪو پيسٽيسائيڊ ڳهي / پي ويو هجي:

- جيڪڏهن اهڙو فرد بيهوش ٿي ويو آهي ته کيس پاسي پر سمهاري ڇڏيوءِ پڪ ڪريو ته ساهه کڻي رهيو آهي.
- جيڪڏهن اهڙو فرد ساهه نه کڻي رهيو آهي ته هڪدم وات سان وات ملائي ساهه کڻايوس. وات سان وات ملائي ساهه کڻائڻ سان توهان به ان پيسٽيسائيڊ سبب متاثر ٿي سگهو ٿا تنهنڪري ساهه کڻائڻ (ڏسو ص. 557) شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجي وات کي مکوتي (pocket mask)، ڪپڙي ٽڪر يا ٿلهيءَ پلاسٽڪ ٽڪري جنهن جي وچ ۾ هڪ سوراخ ڪجي ڍڪي ڇڏجي.
- ڏسو ته پيسٽيسائيڊ جو دٻو کهڙو آهي ۽ مٿس لڳل چٽڪيءَ تي کهڙو نالو لکيل آهي. لڳل چٽڪيءَ مان خبر پئجي سگهندي ته آيا ان فرد کي زهر ڪڍڻ لاءِ الٽي ڪرائڻي آهي يا نه.
- جيڪڏهن اهڙو فرد پي سگهڻ جو ست رکي ٿو ته کيس جهجهو صاف پاڻي پياريو.
- **طبي مدد حاصل ڪريو:** جيڪڏهن طبي مدد ملي سگهي ته هميشه پيسٽيسائيڊ جي چٽڪي يا انجو نالو به پاڻ سان کڻي وڃو.

**جيڪڏهن چٽڪيءَ تي الٽيءَ نه ڪرائڻ لاءِ چيل آهي ته نه ڪرايو:** ڪابه اهڙي پيسٽيسائيڊ جنهن ۾ پيٽرول، گاسليٽ، زائلين يا اهڙي ڪا ٻي پيٽرولي پاڙيٽ موجود هجي ۽ پيتي ويئي هجي تڏهن الٽي نه ڪرائڻ گهرجي. الٽي ڪرائڻ سان اهڙي حالت بدتر ٿي وڃي ٿي. ساڳئي طرح سان ڪنهن به بيهوش، واڻڙي ٿي ويل يا خراب طرح سان ڏڪندڙ فرد کي الٽي نه ڪرائجي.



**جيڪڏهن توهانکي پڪ آهي ته الٽي ڪرائڻ صحيح آهي** ته اهڙي

- هڪ گلاس گهٽو ڇهرو پاڻي پياريو **يا**
- 2 وڏا چمچا ولجاڻ (celery)، تلسي (basil) يا اهڙي ڪا ٻي مقامي جڙي ٻوٽي گهوٽي پياريوس. ان کانپوءِ 1 يا 2 گلاس گرم پاڻي پياريوس.
- اهڙي فرد کي چرپر به ڪرائيندا رهو.
- ان سان کيس جلد الٽي ڪرڻ ۾ مدد ملندي.

الٽي ڪرائڻ کانپوءِ کيس پيٽل ڪوئلو پيارڻ سان، معدي ۾ باقي رهجي ويل زهر به جذب ٿي ويندو (ڏسو ايندڙ ص).

## جڏهن پيسٽيسائيڊون ساهہ رستي جسم ۾ داخل ٿي وڃن



پيسٽيسائيڊون هوا ۾ خارج ٿيڻ سان اسان ذ جسم ۾ پهچايون ٿا. ڦڦڙن ۾ پهچڻ ڪانپوءِ ه پنهنجو زهر سڄي جسم ۾ پکيڙي ڇڏين ٿيو

جيئن تہ ڪن قسمن جون پيسٽيسائيڊون بي بوءِ ٿين ٿيون تنهنڪري عام طور تي انهن جو هوا ۾ هجڻ محسوس ڪري نہ سگهبو آهي. اهڙيون ڪيتريون هوا رستي پکڙجندڙ پيسٽيسائيڊون آهن: واسجندڙ (fumigants)، ڏوپجندڙ (aerosols)، ڌنڌجندڙ (foggers)، دونهجندڙ (smoke bombs)، جيت ڦاسائيندڙ پٽيون (pest strip)، ڦوهارجندڙ (sprays) ۽ ڦوهاري ڪيل دوا جي باقيات. ساڳيءَ طرح سان پيسٽيسائيڊ دز تڏهن پڻ ساهہ رستي داخل ٿي سگهي ٿي جڏهن اها ڪنهن گدام ۾ رکيل هجي، ڪنهن بند هنڌ جهڙوڪ گرين هائوس ۾ استعمال ڪئي ويندي هجي يا جڏهن ٻني ٻاريءَ تي نيندي ويندي هجي.



جيڪڏهن شڪ هجي تہ ان هنڌ تان هليا وڃو!

پيسٽيسائيڊ جي دز استعمال ڪيل هنڌ کان ڪيترائي ميل پري هوا رستي سڄي علائقي کي غليظ ڪري سگهي ٿي تہ گهرن تائين بہ سولائيءَ سان پهچي سگهي ٿي.

جيڪڏهن سمجهو ٿا تہ توهان، پيسٽيسائيڊ ۾ ساهہ کڻي ويٺا آهيو تہ هڪدم اهڙي هنڌ تان پري هليا وڃو! ايترو انتظار نہ ڪريو جو توهان پنهنجي حالت بدتر ٿيندي محسوس ڪريو.

### علاج:

جيڪڏهن توهان يا ڪنهن ٻئي فرد پيسٽيسائيڊن واريءَ هوا ۾ ساهہ کنيو هجي تہ:

- اهڙي فرد کي هڪدم اهڙي هنڌ تان جتي هن زهر ۾ ساهہ کنيو آهي، خاص طور تي جيڪڏهن اهڙو هنڌ بند آهي نڪري وڃڻ گهرجي.
- کيس تازي هوا ۾ ساهہ کڻڻ گهرجي.
- لباس ڍلو ڪري ڇڏجي تہ جيئن ساهہ کڻڻ ۾ سهولت ٿئي.
- منڍيءَ ۽ ڪلها مٿي ڪري ويهجي.
- جيڪڏهن اهڙو فرد بيهوش ٿي ويو هجي تہ کيس پاسيرو سمهاري ڏسي پڪ ڪجي تہ سندس ساهہ کڻڻ ۾ روڪ يا رخنو تہ نہ پئجي رهيو آهي.
- جيڪڏهن اهڙو فرد ساهہ نہ کڻي رهيو آهي تہ هڪدم سندس وات سان وات ملائي ساهہ کڻائجي.

ڪي



بحث لاءِ تصوير: **پيسٽيسائيڊون جسم ۾ ڪيئن داخل ٿين ٿيون؟**





**بحث لاءِ سوال:**

- هن ماڻهوءَ کي ان طريقي سان ڪم ڪرڻ سبب ڪيس ڪيئن ڇيهو رسي سگهي ٿو؟
- هو پاڻ کي بچائڻ لاءِ ڇا ڪري سگهي ٿو؟
- سندس اهڙن ڪمن سبب ٻيون ڪهڙيون شيون متاثر ٿي سگهن ٿيون؟
- اهي ڪجهه اهڙا سبب آهن جو هو پاڻ کي بچائڻ لاءِ هر ممڪن اپاءَ وٺي نٿو سگهي؟

# پيسٽيسائيڊن جا صحت تي پوندڙ ديرپا اثر

ڪيترين پيسٽيسائيڊن جو زهريلو اثر انهن سان هفتن، مهينن يا سالن تائين لاڳاپي ۾ رهڻ کانپوءِ پيدا ٿئي ٿو پر نہ ڪي انهن جي هڪ پيري استعمال ڪرڻ سان. اهو بہ ممڪن ٿي سگهي ٿو تہ، اهڙو فرد پيسٽيسائيڊن جي زهر سبب ڪيترن سالن کانپوءِ بيمار ٿي پوي. بالغ فرد پيسٽيسائيڊن سان لاڳاپي ۾ رهڻ جي 5، 10، 20، 30 سالن يا اڃان بہ وڌيڪ وقت کانپوءِ بيمار ٿي سگهن ٿا. جڏهن تہ، بيماري ڪيتري گهٽي وقت کانپوءِ ظاهر ٿئي ٿي انجو مدار ڪيترين ڳالهين تي ٿئي ٿو (ڏسو ص. 321). عام طور تي ٻارڙن جي حالت ۾ گهٽ عرصو لڳي ٿو. ابهمن ۾ پيسٽيسائيڊن سبب ٿيندڙ بيماري سندن ڄمڻ کان اڳ، ماءُ جي ڳورهارپ دوران پيسٽيسائيڊن سان لاڳاپي ۾ رهڻ سبب بہ شروع ٿي سگهي ٿي.

جڏهن ڪو فرد، ڊگهي عرصي تائين پيسٽيسائيڊن سان لاڳاپي ۾ رهي ٿو تڏهن سندس بيمار ٿيڻ جي حالت ۾ اهو ٻڌائڻ ڏکيو ٿئي ٿو تہ اهي مسئلا پيسٽيسائيڊن سبب پيدا ٿيا آهن. پيسٽيسائيڊن سان ڊگهي عرصي تائين لاڳاپي ۾ رهڻ سبب ڊگهي مدي وارا مسئلا جهڙوڪ: ڪينسر، پيدائشي سرشتي، جيري، دماغ ۽ جسم جي ٻين حصن کي ڇيهو رسي سگهي ٿو.

ڪيترن ماڻهن ۾ پيسٽيسائيڊن جا ڪيترا پيدا ٿيندڙ ديرپا اثر مشڪل سان ڏسي سگهجن ٿا. ڇاڪاڻ تہ، ٻنين ٻارن ۾ اهڙا ماڻهو قسمين قسمين ڪيميائي مادن سان لاڳاپي ۾ رهن ٿا ۽ اهي پوکي راهي جي ڪم ڪار لاءِ هڪ هنڌان ٻئي هنڌ جايون بہ مٽائيندا رهن ٿا.

جڏهن ماڻهن کي ڪينسر ۽ ٻيون بيماريون ٿي پون ٿيون تڏهن ڊاڪٽر اهو بہ چئي سگهن ٿا تہ اهڙي بيماري اتفاق سان ٿي پئي آهي يا اهي مسئلا پيسٽيسائيڊن بجاءِ ٻين سببن ڪري پيدا ٿيا آهن يا غلاظت سبب. هو اسانکي اهو بہ چئي سگهن ٿا تہ ان لاءِ اسان پيسٽيسائيڊن يا ٻين زهريلن ڪيميائي مادن تي ڏوهہ ڏئي نٿا سگهون. ورلي، پيسٽيسائيڊون وڪڻندڙ ۽ انهن جي مشهوري ڪندڙ اهڙين ڳالهين بابت ڪوڙ ڳالهائين ٿا. ڇاڪاڻ تہ، اهي ٻين ماڻهن جي صحت جي مسئلن جي ذميواري کڻڻ نٿا چاهين. هو اهڙيون ڳالهيون ان سبب ڪن ٿا جو هڪ اهڙي بيماري، جيڪا پيدا ٿيڻ ۾ ايترو گهڻو وقت وٺي ٿي ان لاءِ اهو ثابت ڪري سگهڻ ناممڪن ٿئي ٿو تہ اها ڪنهن مخصوص پيسٽيسائيڊ يا اهڙي ڪنهن ٻئي زهريلي ڪيميائي مادي سبب پيدا ٿي هوندي.



ڄُوان ڪيلن جي باغ ۾ ڪم ڪندو هيو...



... ڏهن سالن کانپوءِ ڪيس ڪينسر ٿي پئي

## پيسٽيسائيڊن سبب ٿيندڙ ديرپا بيمارين جون نشانيون

پيسٽيسائيڊ ۽ ٻيا زهريلا مادا ڪيترن قسمن جون ديرپا بيماريون پيدا ڪري سگهن ٿا. اهڙين سنگين بيمارين جون ڪجهه نشانيون آهن: وزن گهٽجڻ، لاڳيتي ڪمزوري، مسلسل رهندڙ کنگهه يا کنگهڻ سان رت اچڻ، ڦٽ جيڪي ڇٽي نه سگهن، هٿن ۽ پيرن ۾ حِس محسوس نه ٿيڻ، وزن برقرار رکي نه سگهڻ، نظر گهٽجڻ، دل جو ڌڪو تمام تيز يا تمام آهستي، هڪدم موڊ مٽجي وڃڻ، وائڙائپ، يادگيرو نه رهڻ ۽ ڪنهن ڳالهه تي ڌيان ڏيڻ ۾ تڪليف ٿيڻ.

جيڪڏهن توهانکي اهڙي ڪا نشاني پيدا ٿئي ته ان جي پنهنجي ڊاڪٽر يا هيلٿ ورڪر سان ضرور ڳالهه ڪريو ۽ ممڪن ٿي سگهي ته کيس ٻڌايو ته ڪهڙين پيسٽيسائيڊن سان ۽ ڪيئن لاڳاپي ۾ رهيا آهيو.

## پيسٽيسائيڊن سبب ٿيندڙ ديرپا بيمارين جون ڪجهه نشانيون



**ڦڦڙن جي تباهي**: پيسٽيسائيڊن ۾ وائکي رهندڙ کي اهڙي کنگهه ٿي سگهي ٿي جيڪا ڇڏڻ جو الوئي نه وٺي يا کيس سدائين سيني جي جڪڙيل رهڻ جو احساس رهيتو. اهي برنڪائيٽس، ٻريا ڪن ٻين ڦڦڙي بيمارين جون نشانيون به ٿي سگهن ٿيون. گهٽي عرصي کانوٺي ڦڦڙن کي پندڙ نقصان اڳتي هلي ڪينسر ۾ ظاهر ٿئي ٿو. جيڪڏهن توهانکي ڦڦڙن جي تباهيءَ جي ڪا نشاني پيدا ٿي آهي ته تماڪ ڇڪڻ ڇڏي ڏيو! تماڪ ڇڪڻ سان ڦڦڙي بيماري ن ٿي وڃي ٿي.

**سر**: پيسٽيسائيڊن ۾ وائکي رهندڙ فردن کي، ٻين جي ڀيٽ ۾ ڪينسر ٿيڻ جو وڌيڪ امڪان و. انجو هرويرو اهو مطلب به ناهي ته جيڪڏهن توهان، پيسٽيسائيڊن جو ڪم ڪندا رهندو ته ڪي ڪينسر ٿي پوندي. پر انجو مطلب هي آهي ته، پيسٽيسائيڊن سان ڪم ڪندي رهڻ سان نسر ٿيڻ جو وڌ ۾ وڌ خطرو ٿئي ٿو ( ڪينسر بابت وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ص. 327).

سوين قسمن جون پيسٽيسائيڊون ۽ انهن جا وکر ڪينسر پيدا ڪن ٿا. جڏهن ته، اڃان ڪيترين پيسٽيسائيڊن جي سائنسي ڇنڊڇاڻ ٿيڻي آهي. پيسٽيسائيڊن سبب وڌ ۾ وڌ ٿيندڙ ڪينسرون آهن: رت جي ڪينسر يا ليوڪيميا (leukemia)، نان_ هاجڪنس لمفوما (non_Hodgkin's lymphoma) ۽ دماغ جي.

جيئن ته شراب جيري کي تباهه ڪري سگهي ٿو...



...ان سبب شراب پيئڻ سان پيسٽيسائيڊن جو اثر بدتر ٿي وڃي ٿو

**جيري جي تباهي**: جيري جو ڪم رت صاف ڪرڻ ۽ جسم کي زهريلن مادن کان بچائڻ آهي. جيئن ته پيسٽيسائيڊون تمام طاقتور زهر ٿين ٿا تنهنڪري ورلي جيءَ انهن جو اڪلاءُ ڪري نٿو سگهي. تنهنڪري سنگين زهرجڻ سبب جيرو به سنگين طرح سان تباهه ٿي وڃي ٿو خاص طور تي جڏهن، ڪيترن مهينن يا سالن تائين پيسٽيسائيڊن جو ڪم ڪيو ويو هجي.

**زهريلي هيپٽائيٽس**: جيري جي هيءَ بيماري پيسٽيسائيڊن سبب ٿي پوي ٿي. زهريلي هيپٽائيٽس سبب اوڪارا، الٽيون ۽ بخار، چمڙيءَ جي پيلجڻ سميت جگر به تباهه ٿي سگهي ٿو.

**تنتي سرشتي جي تباهي**: پيسٽيسائيڊون دماغ ۽ تنتون/ اعصاب به تباهه ڪن ٿيون. جيڪڏهن ڊگهي عرصي تائين پيسٽيسائيڊن ۾ وائکو رهجي ته يادگيرو ختم، پريشاني، موڊ جو مٽبو رهڻ ۽ ڪنهن ڳالهه تي ڌيان ڏيڻ سگهڻ ۾ تڪليف ٿئي ٿي.

## ڏسڻ ۾ پيسٽيسائيڊن جي زهر جون نشانيون ٻين بيمارين جهڙيون اچن ٿيون

پيسٽيسائيڊن جي زهرجڻ جون ڪيترين مختلف نشانيون تي سگهن ٿيون جن کي سولائيءَ سان فلو، مليريا، ڪنهن ائلرجي جو ردعمل يا ڦڦڙن بيماري سمجهي سگهجي ٿو.

اها هڪ غير معمولي ڳالهه آهي ته پيسٽيسائيڊن جي ڪا هڪ نشاني پيدا ٿئي. جڏهن ته گهڻي ڀاڱي ڪيترين هڪ ئي وقت ظاهر ٿين ٿيون. اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته توهانکي اها ڪڙڪ ئي پئجي نه سگهي ته ڪو فرد زهريلن اثرن جو شڪار ٿي پيو آهي. ڇاڪاڻ ته، اهڙيون نشانيون آهستي آهستي پيدا ٿين ٿيون.







### هيلٿ ورڪرن لاءِ نوٽ:

اهو ڏسڻ لاءِ ته ڪو فرد پيسٽيسائيڊن جي اثرن سبب صحت جي مسئلن جو شڪار ته نه ٿيو آهي، ان لاءِ ڪائنس ڪجهه سولا سوال پڇو جهڙوڪ:

### توهان ڪيئن سمجهي سگهو ٿا ته صحت جو اهو مسئلو پيسٽيسائيڊن سبب ٿيو آهي؟

جن ماڻهن کي ساڳئي قسم جي بيماري هجي يا جيڪي ساڳئي قسم جي پيسٽيسائيڊن سان ڪم ڪندڙ هجن انهن سان ڳالهين رستي ورلي اهو سمجهي سگهجي ٿو ته، اهڙي بيماري پيسٽيسائيڊن جي استعمال سبب ته پيدا نه ٿي آهي. جڏهن ماڻهن ۾ زهرن جون ساڳيون نشانيون ظاهر ٿيندڙ هجن ۽ ويجهڙ ۾ ڪٿي پيسٽيسائيڊون به استعمال ڪيون ويون هجن تڏهن گهڻو ممڪن ٿي سگهي ٿو ته اهي سڀ، پيسٽيسائيڊن سبب بيمار ٿي پيا هجن.

## ڊاڪٽرن وٽ سدائين جواب نٿو هجي

ڪئرولينا، توتن جي هڪ وڏي فارم تي ڪم ڪندي هئي. هڪ ڏينهن ڪيس پيٽ ۾ سور پيو ۽ سندس اکيون ڳُرڻ لڳيون. هن ڪم بند ڪري وڃي فارم جي مالڪ سان ڳالهايو. مالڪ کيس فارم جي ڊاڪٽر سان ملڻ جي صلاح ڏني.




هوءَ جڏهن ڊاڪٽر وٽ پهتي ته هو نه ته ساڻس سٺيءَ طرح سان مليو ۽ نه ئي سندس ڪا مدد ڪئي. ڪئرولينا سوچيو، هوءَ شايد ته پيسٽيسائيڊن سبب بيمار ٿي پيئي آهي پر هوءَ ڊاڪٽر سان اها ڳالهه ڪرڻ جي همت ڪري نه سگهي. ڊاڪٽر نه ته کانئس سندس ڪم بابت پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ نه ئي کانئس پڇيو ته سندس خيال موجب هوءَ ڇو بيمار ٿي پيئي آهي.

ڊاڪٽر، ڪئرولينا کان جيڪي به سوال پڇيا انهن مان هن اهو سمجهيو ته، سندس بيمار ٿيڻ جو ڪارڻ سندس ئي خطا آهي. اڄ تو ڇا کاڌو آهي؟ ڇا تون سگريٽ ڇڪيندي يا نشو پيتو ڪندي آهين؟ ڪالهه تو ڪم پوري ڪرڻ کانپوءِ ڇا ڪيو هو؟ ڇا تون سٺي ننڊ ڪندي آهين؟

آخر ۾ ڊاڪٽر کيس چيو ته، هوءَ سست آهي ۽ چاهي ٿي ته ڊاڪٽر کيس ڪم کان موڪل ڪرائي. هن کيس اهو به چيو ته، سندس بيماريءَ جو سبب نشو پيتو ڪرڻ ٿي سگهي ٿو!

آخر ۾ ڊاڪٽر کيس مٿي جي سور لاءِ ڪجهه ٽڪيون ڏنيون. جيتوڻيڪ کيس يقين هو ته ٽڪيون سندس لاءِ فائديمند ٿي نه سگهنديون پر تنهن هوندي به هن اهي کانئس ورتيون. گهر پهچڻ کانپوءِ هن محسوس ڪيو ته هوءَ سياٽي ڪم تي وڃي نه سگهندي. ڊاڪٽر سان ملڻ کانپوءِ هوءَ پنهنجي طبيعت وڌيڪ خراب محسوس ڪرڻ لڳي.

## ڪئرولينا پنهنجي سٺي سنڀال ڪيئن ٿي ڪري سگهي؟

هوءَ جيڪڏهن استعمال ٿيندڙ پيسٽيسائيڊ جي نالي جي چٺڪي پاڻ سان کڻي وڃي ڊاڪٽر کي ڏيکاري ۽ کيس ٻڌائي ها ته هوءَ ان سبب بيماري ٿي پيئي آهي ته هو، پيسٽيسائيڊ جي زهريلن اثرن کي سندس بيماري سمجهي سگهي ها. پر جي هوءَ ائين ڪري به ها ته ان مان کيس ڪو فائدو نه ٿئي ها. ڇو ته، ڊاڪٽر توتن جي فارم لاءِ ڪم ڪندڙ هيو ۽ عام طور تي اهڙا ڊاڪٽر ڪڏهن به نه مڃيندا آهن ته پيسٽيسائيڊن سبب هاري ناري بيمار ٿي پون ٿا. ڇو ته، پيسٽيسائيڊن سبب ٿيندڙ بيمارين جو علاج ڪرڻ ڏکيو ۽ مهانگو ٿئي ٿو. ان بجاءِ فارم جا مالڪ نوان پورهيت رکڻ پسند ڪن ٿا بجاءِ بيمار پورهيتن جي علاج ڪرائڻ جي.

ڪئرولينا کي ڪنهن ٻئي ڊاڪٽر کي ڏيکارڻ گهرجي ها. پر ان لاءِ کيس گهڻو خرچ ڪرڻو پوي ۽ ڪم تان ڏهاڙي موڪل ڪرڻي پوي ها. جڏهن ته ڪيترن ڊاڪٽرن کي پيسٽيسائيڊن جي گهڻي ڄاڻ به نٿي هجي.

ڪئرولينا سميت فارم جي ٻين پورهيتن لاءِ اهو هڪ تمام ڏکيو مسئلو ٿي پيو آهي. فارم تي ڪم ڪندڙ ڪئرولينا ۽ ان جهڙن ٻين پورهيتن لاءِ سڀ کان اڳ ۾ پنهنجي صحت جي سٺي سنڀال لهڻ لاءِ بهتر اهڙين حالتن ۾ گڏجي تبديليون آڻڻ آهن جن سبب اهي بيمار ٿي پون ٿا.

## پيسٽيسائيڊ جي استعمال دوران ان جي نقصان کي گهٽائجي:

جيڪڏهن توهان پيسٽيسائيڊن جو ڪم ڪندڙ آهيو تہ انهن جو خبرداريءَ سان استعمال ڪريو. توهان هاري ناري هجو يا پورهيت پنهنجيءَ، ٻين ماڻهن ۽ ماحول جي چڱيلائيءَ لاءِ ذميوار ٿيندا. پنهنجو پاڻ ۽ پنهنجي چوگرد رهندڙن جو بچاءُ ڪريو:

- ڪنهن بہ پيسٽ کي پيسٽيسائيڊن جي استعمال کانسواءِ ختم ڪريو/ ضابطي ۾ رکو.
- پيسٽيسائيڊن سان اڪيلي سر ڪم نہ ڪريو.
- پيسٽيسائيڊ رڳو ان گهربل فصل لاءِ استعمال ڪريو جنهن لاءِ ٺاهي ويئي آهي.
- جيتري گهٽ ۾ گهٽ استعمال ڪري سگهو ٿا ڪريو. گهڻي استعمال ڪرڻ سدائين سڦل ثابت نہ ٿي ٿئي.
- مختلف قسمن جي پيسٽيسائيڊن جي پاڻ ۾ ملاوت نہ ڪريو.
- پيسٽيسائيڊون پنهنجي جسم ۽ ٻين فردن کان پري رکو
- پاڻيءَ جي وسيلن/ ذريعن کان پري رکو



هوا گهلندي، مينهن وسندي يا جڏهن وسڪارو ٿيڻ وارو هجي تڏهن پيسٽيسائيڊن جو استعمال نہ ڪرڻ گهرجي.

- لازمن اهڙي پوشاڪ پهريو جيڪا توهانجو مڪمل جسم ڍڪيندڙ هجي.
- پيسٽيسائيڊن جي استعمال دوران ڪڏهن بہ پنهنجين اکين، منهن ۽ ڳچيءَ کي اگهڻ جي ڪوشش نہ ڪريو.
- ماني کائڻ، ڪجهہ بہ پيئڻ يا پنهنجي منهن کي هٿ لائڻ کان اڳ ۾ هٿ ملي صاف ڪريو.
- پنهنجي هٿن ۽ پيرن جا ننهن ننڍڙا رکو تہ جيئن منجهن پيسٽيسائيڊ وڃي/ گڏ ٿي نہ سگهي
- بچاءُ ڏيندڙ ڪپڙا ۽ اوزار/ سامان استعمال ڪريو.
- ٻوهاري ڪيل هنڌ/ زمين تي تيسيتائين نہ وڃو جيسيتائين وڃڻ سلامتيءَ وارو نٿو سمجهيو وڃي.
- پيسٽيسائيڊن جي استعمال کانپوءِ سٺيءَ طرح سان وهنجي پاڻ کي صاف ڪريو.




### بچاءَ ڏيندڙ پوشاڪ آرامده نٿي ٿئي پر توهانجي زندگي بچائي سگهي ٿي.

بچاءَ ڏيندڙ پوشاڪ کي وڌيڪ آرامده بڻائڻ لاءِ بهتر ٿئي ٿو تہ، يا تہ صبح جو سوير يا شام جو جڏهن سج جي تک گهٽ هجي تي تڏهن ٻوهارو ڪجي. ڪنهن ڇانوري ۾ ساهي پٽجي ۽ جهجهو صاف پاڻي پيئجي تہ جيئن گرميءَ جي سٽ کان بچي سگهجي. گرميءَ جي سٽ کان بچڻ يا گهٽائڻ لاءِ ڏسو ڪتاب "جت ويج نہ طبيب".



## جڏهن توهان پنهنجي پاري تي ڪم ڪندا هجو

**پڪ ڪريو تہ توهانجو سامان / اوزار وغيره درست ڪم ڪن ٿا.**

پنهنجيءَ سلامتيءَ لاءِ پنهنجو سامان استعمال ڪرڻ کان اڳ ۾ چڪاسي پڪ ڪريو. اها بہ پڪ ڪريو تہ پيسٽيسائيڊن لاءِ استعمال ۾ ايندڙ سامان سڙو ناقص ناهي ۽ اهو وهي يا سمي توهانجي جسم کي نٿو لڳي. اهڙو ڦوهارو استعمال نہ ڪيو جيڪو ڳڙي يا سمندڙ هجي ۽ نہ ئي اهڙا دستانا جيڪي ڦاٽل هجن. جيڪڏهن رسپائريٽر (respirator) هجي تہ استعمال ڪريو ۽ انجو روزانو فلٽر مٽائيندا رهو. رسپائريٽر بنا، پيسٽيسائيڊن ۾ ساهہ کڻڻ سان توهانجي صحت متاثر ٿي سگهي ٿي.




ڪيترا آبادگار ۽ هاري ناري بچاءَ جون سٺيون پوشاڪون حاصل ڪري نٿا سگهن، ان سبب بہ پيسٽيسائيڊ استعمال ڪرڻ سلامتيءَ وارا نٿا ٿين.

**ڪيت مالڪن کي وهنجڻ جي سهولت ڏيڻ گهرجي:**

جيڪڏهن هارين نارين کي پيسٽيسائيڊون استعمال ڪرڻيون پون تہ اهڙين حالتن ۾ ڪيت مالڪن جي ذميواري ٿئي ٿي تہ اهي کين وهنجڻ لاءِ غسل خانن جي سهولت ڏين تہ جيئن هو پاڻ، پنهنجا ڪپڙا ۽ سامان بہ ڌوئي صاف ڪن، ان لاءِ کين جهجهو صابڻ ۽ صاف پاڻي پڻ مهيا ڪرڻ گهرجي.



**پاڻکي سٺيءَ طرح سان ۽ بار بار ڌوئي صاف ڪندا رهو.**

ڪجهہ بہ کائڻ پيئڻ، تماڪ ڇڪڻ، چباڙڻ پنهنجن اکين، نڪ يا وات کي ڇهڻ يا پائخاني وڃڻ کان اڳ پنهنجا هٿ ملي ڌوئي صاف ڪريو.

ڪم پوري ڪرڻ ڪانپوءِ سڀ کان اڳ ۾ پنهنجن هٿن ۽ پيرن جا ننهن صاف ڪريو. پوءِ صابڻ ۽ ٿڌي پاڻيءَ سان پنهنجو سڄو جسم ڌوئي صاف ڪريو.

**پيسٽيسائيڊن سان ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجا ڪپڙا بہ ڌيان سان ڌوئي صاف ڪريو:**

جسم کي پيسٽيسائيڊن جي زهريلن اثرن کان بچائڻ لاءِ تمام ضروري ٿئي ٿو تہ ڪم پوري ڪرڻ ڪانپوءِ ڪم دوران پاتل ڪپڙا ڌوئي صاف ڪري ڇڏجن. جيڪڏهن ڌوئڻ بنا ساڳيا ڪپڙا وري استعمال ڪبا تہ چمڙيءَ تي پيسٽيسائيڊن جو زهريلو اثر ٿيندو رهندو.

ڪم پوري ڪرڻ ڪانپوءِ پنهنجا ڪپڙا مٽائي، لاٿل ڪپڙا پلاسٽڪ جي ٿيلهيءَ ۾ وجهي ڇڏيو تہ جيئن، ڌوئيندڙ جو بہ بچاءُ ٿي سگهي (يا توهانجو).

ڪپڙن ڌوئڻ لاءِ صاف پاڻي ۽ صابڻ استعمال ڪجي ۽ هٿن کي پيسٽيسائيڊن جي زهريلن اثرن کان بچائڻ لاءِ دستانا استعمال ڪجن. پيسٽيسائيڊن وارا ڪپڙا ڪڏهن بہ نديءَ جي پاڻيءَ ۾ نہ ڌوئجن. ڪڏهن بہ ڪا شئي آبپاشي يا وهندڙ نيڪاس ڪڏي ۾ نہ ڌوئجي. اهڙن ڪپڙن کي دستانن ڪانسواءِ ڇهڻ جي بہ ڪوشش نہ ڪجي جيڪڏهن هٿ لڳي پوي تہ ملي صاف ڪري ڇڏجي. ڌوپ لاءِ استعمال ٿيل ڪنو پاڻي، زمين ۾ پيئڻ لاءِ استعمال ۾ ايندڙ پاڻيءَ جي ذريعن کان پري وهائي ڇڏجي.

هر پيري ٿورا ڪپڙا تيستائين ڌوئبا رهجن جيستائين منجهانئن پيسٽيسائيڊن جي بوءِ يا داغ بلڪل ختم ٿي نٿا وڃن. پاتل بوٽ، دستانا ۽ مٿي تي ٻڌل ڪپڙو / بوڇڻ بہ صابڻ سان ڌوئي صاف ڪري ڇڏجي.



هميشه ڪم ڪار وارا ڪپڙا، عام رواجي ۽ ڪٽنب جي ڪپڙن کان الڳ ڌوئجن

ڪپڙا، پيسٽيسائيڊ جي ڦوهاري ڪيل هنڌن کان پري سڪائجن. جڏهن ٻاهر ڪنهن ويجهي هنڌ تي جهاز رستي يا ائين ڦوهارو ڪيو ويندو هجي تڏهن ڪپڙا سڪائڻ لاءِ نہ رکجن.

باقي ڪپڙن ڌوئڻ کان اڳ ۾ باٿلي يا ٽب وغيره کي اڳ ۾ تازي پاڻيءَ ۾ ڌوپ جي پائوڊر وغيره سان ڌوئي صاف ڪرڻ گهرجي.

ڪم دوران پائجندڙ ڪپڙا هميشہ ٻين ڪپڙن کان الڳ رکجن.

### ڦوهاري ڪرڻ ڪانپوءِ هڪدم ٻني ٻاري تي نہ وڃجي.




جيسيتائين ڪيل ڦوهارو سڪي نٿو وڃي يا ڏ ويجهي نٿي وڃي تيسيتائين زمين تي نہ وڃجي. ڏسجي تہ اتي ڪهڙي قسم جون پيسٽيسائيڊون استعمال ڪيون ويون آهن. اتي تيسيتائين نہ وڃو جيسيتائين وڃڻ سلامتيءَ وارو نہ سمجهجي. پيسٽيسائيڊ جي دٻي/ بوتل تي لڳل ناليٰ جي چٽڪي پڙهي ڏسجي تہ ڦوهاري ڪرڻ جي ڪيتري دير ڪانپوءِ اتي وڃڻ سلامتي وارو آهي (ڏسو ص. 276).

### پيسٽيسائيڊ گدامڻ

پيسٽيسائيڊ هميشہ ڪنهن محفوظ ۽ خشڪ هنڌ تي گدامجن. عام طور تي پيسٽيسائيڊ، ڏگهي عرصي لاءِ اهڙي هنڌ تي ذخيرو ڪيون وڃن ٿيون جو انهن جا ٿانوَ سمڻ لڳن ٿا. اهڙن هنڌن جي آسپاس مرندڙ ٻليون، پکي ۽ ٻيا جانور اها پهرئين نشاني ٿئي ٿي تہ ڪيميائي زهرن، زمين ۽ جَر جي پاڻي ۾ سمڻ شروع ڪيو آهي.

### پيسٽيسائيڊ هميشہ پنهنجن اصلي ٿانوَن ۾ رکجن.

ڪڏهن بہ پيسٽيسائيڊون، مال جي چاري لاءِ استعمال ايندڙ ٽورن/ ڪٽن، مشروبن لاءِ ڪتب ايندڙ بوتلن يا پاڻيءَ جي باٿلين ۾ پري نہ رکجن. پڪ ڪجي تہ جن ٿانون ۾ پيسٽيسائيڊون رکيون ويون آهن انهن جا منهن سٺيءَ طرح سان بند ۽ درست حالت ۾ ايا رکيل آهن. سدائين انهن کي ڏسبو رهجي تہ ڪٿان سمي، ڏري يا ٽڙڪي تہ نہ پيا آهن يا اهڙو ڪو هنڌ ڳري ڪمزور تہ نٿي ويو آهي.

### پيسٽيسائيڊ وارن ٿانون تي نالي جي چٽڪي هٽي ڇڏجي

جيڪڏهن توهان پيسٽيسائيڊ ٿورڙي مقدار ۾ خريد ڪريو ٿا ۽ اهي ڪن ٻين قسمن جي ٿانون ۾ رکو ٿا تہ اهڙي ٿانو تي منجهس موجود پيسٽيسائيڊن جو نالو لکي ۽ ان سان هڪ اهڙي مورت ٺاهي ڇڏيو جنهن مان "خطري" جي خبر پوندي هجي. مثال طور، کوپڙي ۽ هڏن جو منڊيٽڙو. اهڙا ٿانوَ ٻئي ڪنهن بہ ڪم نہ آڻجن. پيسٽيسائيڊون هميشہ ٻارن جي پهچ کان پري، تالي لڳل ڪٻٽ ۾ ڪاڌي پيتي ۽ چاري کان پاسيريون رکجن.



### پيسٽيسائيڊ خبرداريءَ سان نيئجن

جڏهن پيسٽيسائيڊون ڪنهن هڪ هنڌان ٻئي هنڌ نيندا هجو تہ سدائين گاڏيءَ جي پٺئين حصي يا موٽر گاڏيءَ جي ڊگيءَ ۾ رکجن. سُڪ ٻڌي ڇڏجن تہ جيئن ڇري پري يا ڪري نہ پون. پيسٽيسائيڊون ڪڏهن بہ ڪاڌي پيتي لاءِ استعمال ايندڙ ٺوڪرين/ ڇٻين يا مٽي تي پري ڪري نہ کڻجن. ساڳئي طرح سان اهي ٻارڙن کي بہ کڻڻ يا خريدڻ نہ ڏجن.




ڪڏهن بہ پيسٽيسائيڊ واري بوتل پاڻي پيئڻ ۽ منهن هٿ ڌوئڻ لاءِ استعمال نہ ڪجي

### پيسٽيسائيڊ وارن ٿانون جو بهتر طرح سان اُڪلاءُ ڪجي

ڪڏهن بہ ڪو پيسٽيسائيڊ وارو ٿانو پيئڻ، ڌوپ، ڪاڌي پيتي جي يا ٻيءَ ڪنهن بہ شئي رکڻ لاءِ ٻنهہ استعمال نہ ڪجي. ساڳئي طرح سان پيسٽيسائيڊن جي ٿانون/ دٻن تي ويڙهيل پلاسٽڪ بہ نہ تہ مينهن کان بچڻ يا ڪنهن ٻئي ذاتي بچاءَ لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي. پيسٽيسائيڊن جي خالي ٿانون کي ضايع ڪرڻ جو بهترين طريقو منجهن سوراخ ڪرڻ آهي تہ جيئن ٻيو ڪو فرد اهي استعمال ڪري نہ سگهي. پوءِ اهي پوري ڇڏجن.

## جڏهن پيسٽيسائيڊون ملائجن يا ڏين ۽ ڀرجن



### بچاءَ پوشاڪ پهريو

جڏهن توهان پيسٽيسائيڊون پاڻي ۾ ملايو يا ڏين ۾ ڀريو تڏهن اکين جي بچاءَ لاءِ مکوٽا، ربڙ جا دستانا ۽ اپران سميت بچاءَ جي پوشاڪ به استعمال ڪريو جيڪا عام طور تي اهڙي ڪم دوران پايو ٿا.

**اهم ڳالهه:** ڪڏهن به پيسٽيسائيڊون هٿن سان نه ملائجن.

### خبردار رهو

هميشه پيسٽيسائيڊن جون ٿيلهيون ڪنهن تيز چاقوءَ يا قينچيءَ سان کوليو ته جيئن پيسٽيسائيڊن جي دز اڏامي يا هارجي نه سگهي. اهڙي چاقوءَ يا قينچيءَ کي ڌوئي، صاف ڪري مٿس لکي ڇڏيو ته اهي رڳو پيسٽيسائيڊن لاءِ ئي استعمال ڪرڻيون آهن.




جيڪڏهن پيسٽيسائيڊن ۾ پاڻي ملائڻو آهي ته **پاڻيءَ جي نلڪي/ پائيپ سڌو سنئون پيسٽيسائيڊ ۾ نه وجهو.** جيڪڏهن نلڪي/ پائيپ پيئڻ يا ڌوپ لاءِ به استعمال ٿي رهيو آهي ته اهو هميشه ڌوئي صاف ڪري ڇڏيو.

ماپ لاءِ لکيل هدايتن تي عمل ڪريو. جيتري مقدار ۾ ملائڻ لاءِ چيو ويو آهي اوتريون ملايو. **ڪڏهن به پيئڻ لاءِ استعمال ۾ ايندڙ پاڻيءَ جي ذريعي ۾ سان پيسٽيسائيڊون نه ملايو ٿوهاري جي ڏين ۾ نه ڀريو ۽ نه ئي اتي ٿوهاري لاءِ استعمال ٿيندڙ شين جي صفائي ڪريو!**

### پيسٽيسائيڊ دوائون وات ڪان پري رکو:

ٻنجيل ٿونٽيءَ کي کولڻ / صاف ڪرڻ لاءِ، بوتل پيئڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ تيلو وجهي ڦوڪ ڏيو پر نه ڪي سنئون سڌو ٿونٽيءَ کي پنهنجي وات سان ڦوڪ ڏيو. تيلي جي، ٿونٽيءَ ۾ وڏل پاسي تي نشان ڪري ڇڏيو ته جيئن ٻيهر استعمال ڪرڻ جي حالت ۾ اهو ڇيڙو وات ۾ وجهي نه سگهجي. ڪنهن به ٿوهاري جي ڏبي يا هڪ ٽانو مان ٻئي ٽانو ۾ پيسٽيسائيڊ لاهڻ لاءِ جڏهن نلڪي استعمال ڪيو ته ان کي وات سان چوس نه ڏيو. اهڙي زهر ۾ ساهه کڻڻ کان هميشه هوشيار رهو.

ڪڏهن به ڪنهن پيسٽيسائيڊ يا پيسٽيسائيڊ لڳل ٻج کي ڇهڻ ۽ چکڻ جي ڪوشش نه ڪريو. ٻني ٻاري جي ڪا شئي ڏيان سان ڌوئي صاف ڪرڻ بنا ٻنهه نه ڪائو.

پيسٽيسائيڊون هٽنديي يا ملائيندي نه تماڪ ڇڪيو ۽ نه ئي ڪجهه کائو پيئو. ڪاڏي پيتي جون شيون چيونگم ۽ تماڪ وغيره اهڙن هنڌن تي سنيءَ طرح سان سانڍي/ بند ڪري رکو جتي پيسٽيسائيڊون استعمال نه ڪيون ويون هجن. جيئن ته تماڪ ۽ ڪاڌي جي شين سان پيسٽيسائيڊون جذب ٿي وڃن ٿيون تنهنڪري اهڙي ڪم دوران اهي پاڻ سان گڏ کڻڻ نه گهرجن.

### جڏهن پيسٽيسائيڊ دوائون هارجي پون

اهڙي هار وير صاف ڪرڻ کان اڳ ۾ پنهنجو پنهنجي آسپاس موجود فردن ۽ پاڻيءَ جي ذريعن جو بچاءُ ڪريو. جيڪڏهن توهان بچاءِ آسپاس ۾ اهڙي هار وير صاف ڪندڙ سکيا ورتل فرد موجود آهن ته سندن مدد حاصل ڪريو. هميشه اهڙي هار وير صاف ڪرڻ لاءِ بچاءَ جي پوشاڪ پائڻ گهرجي (پيسٽيسائيڊن جي صفائيءَ يا اهڙا ٻيا ڪيميائي مادا صاف ڪرڻ لاءِ ڏسو ضميمو. (A)

## ڪاڌن تي پيسٽيسائيڊون



جن ڪاڌن جي ڪل سٽيي ٿئي ٿي جهڙوڪ: ونگوءِ صوف اهي ڪائڻ کان اڳ ۾ چلهي صاف ڪجن.

جڏهن سبزين ۽ ميون جي پيداوار لاءِ مٿن پيسٽيسائيڊون هنيون وجن ٿيون تہ ۽ تي اهي مٿن تڏهن بہ لڳل هجن ٿيون جڏهن توهان خريد ڪريو ٿا. گوشت، ڪير عام طور تي پيسٽيسائيڊن سبب تڏهن غليظ ٿي وجن ٿا جڏهن جانورن کي جيئ دوائن ۾ ٽٻي ڏياري (animal dip) يا انهن جو ڦوهارو ڪيو وڃي ٿو يا جڏهن م اهڙو چارو يا گاهہ کائي ٿو جنهن تي پيسٽيسائيڊون يا ڪي ٻيا ڪيميائي مادا لڳل ٿين ٿا.

جڏهن ماڻهو روزانو پيسٽيسائيڊ لڳل ڪاڌا ۽ پيتا ٿوري مقدار ۾ استعمال ڪندا رهن تہ وقت گذرڻ سان گڏ اهڙو زهر سندن جسم ۾ گڏ ٿيڻ شروع ٿئي ٿو. زهرن جو اهڙو ننڍڙو مقدار آهستي آهستي گڏ ٿي هڪ ڏينهن صحت جي گنڀير مسئلن جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو.




پنن وارين ڀاڄين جهڙوڪ: گوبيءَ جا ٻاهريان پن نہ کائجن جو انهن ۾ گهڻي پيسٽيسائيڊ گڏ ٿي وڃي ٿي.

ميون ۽ ساين ڀاڄين تي لڳل پيسٽيسائيڊن جي گهڻي مقدار کي ڌوئي صاف ڪرڻ لاءِ، صابڻي پاڻي (ڌوپ جو پائوڊر ڪڏهن بہ استعمال نہ ڪجي)، لوڻي پاڻيءَ (1 لٽر پاڻيءَ ۾ لوڻ جا 5 وڏا چمچا) يا مٺي سوڊا واري پاڻيءَ (1 لٽر پاڻيءَ ۾ مٺي سوڊا جا 2 ننڍا چمچا) ۾ ڌوئڻ کانپوءِ تازي وهندڙ پاڻيءَ ۾ چاچولي صاف ڪجي.

پيسٽيسائيڊن کانسواءِ پيدا ٿيندڙ ڪاڌا نہ رڳو کائيندڙن پر پوکيندڙن لاءِ بہ سلامتيءَ وارا ۽ صحت بخش ٿين ٿا پر بدقسمتيءَ سان ڪيترن هنڌن تي اهڙا ڪاڌا مهانگا ۽ ڏکيا ملي سگهن ٿا (زهريلن ڪيميائي مادن بنا اهڙن ڪاڌن اپائڻ لاءِ ڏسو باب 15).

### گهر ۾ جيتن جڻين ۽ ڪوئن تي ضابطي رکڻ لاءِ



ماڻهو هر هنڌ پنهنجن گهرن ۾ مڇرن، ماڪوڙين، مکين، ڪاڪروچن، اڏوهي، جوُن، ڪوئن ۽ اهڙي قسم جي ٻئي آزار کي ختم ڪرڻ لاءِ زهرن جو استعمال ڪن ٿا. جڏهن تہ اهڙيءَ آزاريندڙ مخلوق ' لاءِ استعمال هيٺ ايندڙ زهر ماڻهن کي بہ ڇيهو رسائي

عام طور تي ٻني ٻاري تي ڪم ڪندڙ پورهيت اهڙا ؛ استعمال ڪرڻ لاءِ ڪٺي اچن ٿا. جڏهن تہ بند هنڌن تي پيسٽيسائيڊن جو استعمال ڪرڻ سندن لاءِ وڌيڪ هاڃيڪار ثابت ٿئي ٿو. انڪري بهتر سمجهيو وڃي ٿو تہ ٻنين جي استعمال وارا ڪيميائي زهر ٻنين ۾ ئي استعمال ڪجن ۽ گهرن ۾ اهڙي آزار کي ختم ڪرڻ لاءِ ڪي ٻيا طريقا ڪتب آڻجن.

ڪيميائي مادن کانسواءِ بہ جيتن جڻين جي آزار کي ڪيترن طريقن سان گهٽائي سگهجي ٿو. اهڙا طريقا سلامتي وارا، پيسٽيسائيڊن کان سستا ۽ انهن جيترائي اثرائتا ٿين ٿا (ڪيميائي مادا گهرن کان پري رکڻ لاءِ ڏسو باب 17).

### جڏهن پيسٽيسائيڊون گهرن ۾ استعمال ڪجن ته:

- پيسٽيسائيڊن تي لڳل چٽڪي پڙهي اهي هدايتن آهر استعمال ڪجن.
- بند هنڌن تي پيسٽيسائيڊون استعمال نه ڪجن. دريون ۽ در کولي ڇڏجن.
- رڳو انهن قسمن جي جيتن/ جيوڙن لاءِ استعمال ڪجن جن لاءِ چيو ويو آهي.
- پيسٽيسائيڊون ٻارن جي پهچ کان پري رکجن.




- هنڌ بستري تي بنهه ڦوهارو نه ڪجن ۽ نه ئي ڦوهاري ٿيل هنڌ بستري تي سمهجي.
- باسڻن يا کاڌي پيتي جي ٿانون پرسان ڦوهارو نه ڪجي.
- ڪنهن به بنا نشان/ بنا نالي لکڻ جي ڪنهن ٿانوَ ۾ پيسٽيسائيڊون نه رکجن.
- اڻ گهربل پيسٽيسائيڊن جو سلامتيءَ سان اڪلاءُ ڪري ڇڏجي.

## پيسٽيسائيڊون ماحول کي نقصان پهچائين ٿيون

پيسٽيسائيڊون نه رڳو انسانن، جيتن، آزاريندڙ جيون پر ماحول جي مختلف حصن کي به هاڃو رسائين ٿيون.

**پيسٽيسائيڊون جانورن ۾ زهر پکيڙين ٿيون.** جانور جڏهن به پيسٽيسائيڊ مليل شيون کائن، پيئن يا انهن ۾ ساهه کڻن ٿا ته ڪين به ايترو ئي ڇيهو رسي ٿو جيترو انسانن کي. ايئن پيسٽيسائيڊون سندن جسم ۾ گڏ ٿينديون رهن ٿيون. جڏهن اهڙن جانورن کي وڏا جانور کائين ٿا ته سندن جسم ۾ پيسٽيسائيڊن جي زهر جو مقدار گهٽو وڌي وڃي ٿو.

**پيسٽيسائيڊون مٽيءَ کي زهريلو ڪري ڇڏين ٿيون** جنهن ۾ جيت، ڪينئان، فنجاءِ ۽ بئڪٽيريا ٿئي ٿي ۽ اهي غذائي جزا پيدا ڪندا مٽيءَ کي جاندار ۽ زرخيز ڪندا رهن ٿا.




**پيسٽيسائيڊون پاڻيءَ کي زهريلو ڪري ڇڏين ٿيون** اهڙو پاڻي پوءِ وهڪرن جي صورت ۾ وهندو رهي ٿو. جڏهن اهڙو پاڻي جانور ۽ ماڻهو پيئن ٿا ته بيمار ٿي پون ٿا ۽ منجهن موجود مڇي مري وڃي ٿي.

**پيسٽيسائيڊون هوا کي زهريلو ڪري ڇڏين ٿيون.** زهر هوا رستي گهلندو استعمال ٿيندڙ هنڌن کان ڪيترائي ڪلوميٽر پري پري تائين رسي وڃي ٿو.

## پيسٽيسائيڊن لاءِ مزاحمت

سدائين ڪي نہ ڪي، اهڙا پيسٽ (نقصانڪار جيت) ضرور وجود رکن ٿا جن تي پيسٽيسائيڊن جو ڦوهارو اثر نٿو ڪري. چاڪاڻ تہ، اهي پيسٽيسائيڊن لاءِ نود ٿين ٿا يا منجهن جسم ۾ ڪي اهڙا ڪيميائي مادا ٿين ٿا جيڪي پيسٽيسائيڊن ڪي ٻنجي ڇڏين ٿا. انهن جا پيدا ٿيندڙ ٻچا بہ ايترا نود ٿين ٿا جو پيسٽيسائيڊن سبب ڪين ڪوبہ نقصان پهچي نٿو سگهي. اهڙي عمل کي پيسٽيسائيڊ مزاحمت (pesticide resistance)سڏجي ٿو. هاڻ، اهڙا گهٽي کان گهٽا پيسٽيسائيڊ ظاهر ٿي رهيا آهن جن سبب اهڙي سڄيءَ مخلوق ۾ مزاحمت ٿئي ٿي جو اهي ساڳئي قسم جي ڪيميائي مادن سان مري نٿا سگهن.

اهڙيءَ صورتحال سبب پيسٽيسائيڊ ڪمپنيون يا تہ نوان ڪيميائي مادا يا اهڙيون نيون طاقتور دوائون ٺاهينديون رهن ٿيون جيڪي نود/ مزاحمتي پيسٽن کي بہ ناس ڪري ڇڏين ٿيون. جنهن سبب آبادگار نيون ڪيميائي دوائون خريد ڪن ۽ هر موسم ۾ اڳي کان وڌيڪ پئسو خرچ ڪندا رهن ٿا. ائين هر سال اسانجو ماحول وڌيڪ ڪيميائي مادن سبب زهريلو ٿيندو رهي ٿو. وڌيڪ پيسٽن ۾ مزاحمت پيدا ٿئي ٿي ۽ پيسٽيسائيڊ ٺاهيندڙ ڪمپنيون وڌيڪ نفعو ڪمائينديون رهن ٿيون.

ائين برابر آهي تہ، رڳو ڪن مندن تائين پيسٽيسائيڊن جي استعمال ڪرڻ سان، فصلن کي جيتن جي نقصان کان بچائي سگهجي ٿو. جڏهن تہ ڊگهي عرصي لاءِ اهي انسانن، جانورن، ڌرتيءَ ۽ پاڻيءَ کي زهريلو ڪنديون رهن ٿيون. موٽ ۾ اهي پيسٽيسائيڊ ٺاهيندڙ ۽ وڪرو ڪندڙ ڪمپنيون ئي آهن جن کي هڪ ڊگهي عرصي تائين فائدو ٿيندو رهي ٿو.

پيسٽ ۾ پيسٽيسائيڊ لاءِ مزاحمت
ڪيئن پيدا ٿئي ٿي.



پيسٽيسائيڊ ڪيتريءَ پيسٽ کي ناس ڪري
ڇڏي ٿي پر ڪا پوءِ بہ زنده رهي ٿا جو منجهس
پيسٽيسائيڊ لاءِ مزاحمت موجود ٿئي ٿي.



بچي ويندڙ پيسٽ وڌيڪ مزاحمت
پيدا ڪندڙ پيسٽ پيدا ڪري ٿي.



ائين ٿورڙي وقت ۾ سڄيءَ پيسٽ ۾ مزاحمت
پيدا ٿئي ٿي، جنهن سبب پيسٽيسائيڊ دوائون
بي اثر ٿي پون ٿيون.

### پيسٽيسائيڊون ڪارائتن جيتن کي بہ ناس ڪري ڇڏين ٿيون

ائين ناهي تہ ڪو سڀ جيت نقصانڪار يا آزاريندڙ ٿين ٿا. جڏهن تہ انهن مان ڪيترا آبادگارن لاءِ ڪارائتا ۽ ڪمائتا پڻ ٿين ٿا. ماڪيءَ جون مکيون ٻوٽن کي ٻوڪائين ۽ ماکي پيدا ڪن ٿيون تہ ليڊي بگ (ladybug) فصل کي نقصان ڏيندڙ جيتن تي حملو ڪري ناس ڪري ڇڏي ٿي. اصل ۾ آزاريندڙ جيتن کان وڌيڪ انگ، ڪارائتن ۽ ڪمائتن جيتن جو موجود ٿئي ٿو. جڏهن تہ پيسٽيسائيڊ زهر عام طور تي "ڪارائتن" ۽ "هاڃيڪار" ٻنهي قسمن جي جيتن کي ناس ڪري ڇڏين ٿا. مثال طور، جڏهن مَهلي (aphid) مارڻ لاءِ ڪنهن زمين تي ڦوهارو ڪجي ٿو تہ ان سان گڏ ڪوريئڙا ۽ ليڊي بگ جهڙا جيت بہ ناس ٿي وڃن ٿا، جيڪي مهلو کائيندڙ ٿين ٿا. ائين ڪوريئڙن ۽ ليڊي بگ جي نہ هجڻ سبب مهلو ضابطي هيٺ رهڻ بجاءِ وڌيڪ پيدا ٿيندو رهي ٿو.

# پيسٽيسائيڊن بابت تعليم

اسان مان جيڪڏهن هر هڪ سيان ڪانوني پيسٽيسائيڊن جو استعمال ڪرڻ بند ڪري ڇڏي ته اسان نه رڳو پيسٽيسائيڊن جي پکڙجندڙ وبائي زهرن کان بچي پونداسين ته پنهنجي ڌرتي، هوا ۽ پاڻيءَ کي به پنهنجيءَ صحت لاءِ بحال ڪري سگهنداسين ۽ ائين رڳو تڏهن ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو جڏهن اسان پاڻکي ۽ پنهنجين برادرين کي، پيسٽيسائيڊن جي پيدا ٿيندڙ زهرن ۽ ڪيميائي زهرن کانسواءِ کاڌي اپائڻ جي درست طريقن جي ڄاڻ ڏيون. ان لاءِ پهريون قدم، پنهنجيءَ وسندي، ڳوٺ يا آسپاس جي برادريءَ کي پيسٽيسائيڊن جي زهريلن اثرن بابت پنهنجن آزمودن کان آگاهه ڪريون.

ماڻهن جي گڏ ٿيڻ کانپوءِ فيصلو ڪريو ته توهانجي برادريءَ لاءِ ڪهڙيون ڳالهيون اهميت واريون آهن. ڇا اها سندن ذاتي صحت آهي؟ ڇا اها پيسٽيسائيڊن سبب ٿيندڙ پاڻيءَ جي غلاظت آهي؟ ڇا اهو پيسٽيسائيڊن سبب ٿيندڙ نقصان آهي؟ اهڙن مسئلن جي ڪجهه ڄاڻ پوڻ کانپوءِ پيو قدم اهڙو مقصد يا مقصد ماڻڻ جو فيصلو ڪرڻ آهي. اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته، ڪيترا فرد پيسٽيسائيڊن جي بچاءَ لاءِ سکيا وٺڻ چاهيندا هجن يا سکڻ چاهيندا هجن ته پيسٽيسائيڊن کانسواءِ پوک ڪيئن ڪجي.







## آبادگار، خودمختيار ٿيڻ لاءِ منظم ٿين ٿا

بنگلاديش ۾ آبادگارن جي هڪ تنظيم هڪ اهڙي پروگرام جي شروعات ڪئي، جنهن هيٺ هو استعمال ڪندڙ پيسٽيسائيڊن بابت ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ ۽ اهو ڏسڻ چاهين پيا ته ڪير اهي سندن لاءِ خريد ڪري ٿو. سندن مقصد، پيسٽيسائيڊن جو سلامتيءَ سان استعمال ڪرڻ ۽ پنهنجيءَ ٻنيءَ جي لاءِ مالي بچت ڪرڻ هئي.

ڪين خبر پيئي ته اها هڪ مقامي بئنڪ هئي جيڪا هڪ وڏي ڪارپوريشن، مونسانٽو سان ڪاروباري زراعت لاءِ ڪم ڪري ٿي. بئنڪ ۽ ڪارپوريشن ۾ ٿيل ناهه مطابق، قرض رڳو مونسانٽو جي شين خريدڻ لاءِ ڏنو ويندو هو. ان ناهه هيٺ آبادگار، پيسٽيسائيڊون استعمال ڪرڻ ۽ مونسانٽو جو ٻج خريدڻ لاءِ مجبور هيا. وڏيڪ کين قرض وٺڻ جي حالت ۾ زراعت لاءِ وهٽن ۽ نامياتي ٻجن وٺڻ جو اختيار نه هيو. جڏهن آبادگارن کي بئنڪ ۽ مونسانٽو وچ ۾ ڀائيواريءَ جي ڄاڻ پيئي ته هنن منظم ٿي گهٽن آبادگارن سان ڳالهائڻ شروع ڪيو.

آبادگارن بئنڪ آڏو احتجاج ۽ وڏيڪ نون قرضن وٺڻ کان انڪار ڪيو. ڪيترن احتجاجن کانپوءِ بئنڪ مونسانٽو سان پنهنجي ڀائيواري ختم ڪري ڇڏي.

## پيسٽيسائيڊن جا اپاءَ چٽڻ

**وقت:** 2 کان 3 ڪلاڪ

**سامان:** ڊرائينگ پيپر، رنگين پينيون يا پينسلون، ٽيپ يا ٽئڪ

جيڪڏهن ماڻهن کي پيسٽيسائيڊن جي هاڃن جي اڳ ۾ خبر آهي تہ، هن سرگرميءَ رستي کين انهن جي اپائن لهڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. سرگرمي شروع ڪرڻ لاءِ ڪنهن جي مدد فائديمند ثابت ٿي سگهي ٿي.





### ❶ پيسٽيسائيڊ جي مسئلن بابت ڳالهايو:

اهڙن عام ذريعن جو ذڪر ڪيو جن رستي برادريءَ جا ماڻهو پيسٽيسائيڊن سان لاڳاپي ۾ اچن ٿا.

### ❷ پيسٽيسائيڊن جا مسئلا چٽيو

هر فرد کي هڪ اهڙو چٽ چٽڻ کپي جنهن سان ماڻهو پيسٽيسائيڊن سان لاڳاپي ۾ اچن ٿا. اهڙا چٽ پٽ سان چنبڙائي ڇڏيو. برادري چٽ ڏسي اهڙن وڏ ۾ وڏ عام 3 کان 5 مسئلن بابت فيصلو ڪري پوءِ ان تي ڳالهائي تہ اهڙا مسئلا ڪهڙن سببن ڪري پيدا ٿي سگهن ٿا. ڪهڙن سببن ڪري پيسٽيسائيڊن سان گهٽ لاڳاپي ۾ اچجي ٿو؟ انهن کان اپاءَ وٺڻ/ بچڻ ايترو گهٽو ڏکيو ڇو آهي؟

### ❸ حل ڳولهيو

ماڻهو ٽولين جي صورت ۾ پنهنجن خيالن جا چٽ چٽين ۽ مسئلن جا ممڪن حل ڳولهين ٿا.




مثال طور، جيڪڏهن مسئلو ڦوهاري واري دٻي جي پٺئين حصي جي سمڻ جو آهي تہ انجو هڪ عارضي اپاءُ هي بہ ٿي سگهي ٿو تہ اهڙو سيمو بند ڪجي ۽ بچاءَ جي پوشاڪ پائجي. جڏهن تہ دائمي اپائن ۾ اهو بہ ٿ سگهي ٿو تہ، ڦوهاري جو نئون دٻو خريد ڪج آرگئنڪ پوکي شروع ڪجي. ٽولي، اهڙ هڪڙو يا اهڙا سپ اپاءَ چٽي سگهي ٿي. عام اهڙي هڪ اپاءَ سان گهڻا مسئلا حل ٿي وڃن

پٽ جي ٻئي پاسي تي اپائن وارا چٽ چنبڙائي ڇڏيو.

### ❹ اپائن بابت ڳالهايو

ماڻهن جي ٻڌايل مختلف اپائن تي ڳالهايو. انهن مان ڪهڙا حل ترت حاصل ڪري سگهجن ٿا؟ ڪهڙن کي حل ڪرڻ ۾ ڊگهو عرصو لڳي سگهي ٿو؟ اهڙن چٽن جو سلسلو اڳتي پوئتي ڪري سگهجي ٿو تہ جيئن وڌيڪ عملي عارضي اپائن کي اوليت ڏئي سگهجي. ماڻهن کي اهڙن اپائن حاصل ڪرڻ جي طريقن تي ڳالهائڻ ۽ دائمي مسئلن جي حل لاءِ هٿ پير هڻڻ ڏيو. ان تي بہ ڳالهايو تہ اهڙي ٽولي مسئلن جي حل ڪرڻ لاءِ ڇا ٿي ڪري سگهي؟

## پيسٽيسائيڊن تي لڳل چِٽڪيون ڪيئن سمجهجن؟

پيسٽيسائيڊن بابت سڪيا ڏيڻ جو هڪ وڏو اهم نقطو ماڻهن کي پيسٽيسائيڊن تي لکيل معلومات کي سمجهڻ آهي. هر پورهيت کي اها ڳالهه ڄاڻڻ جو حق آهي ته اهي ڪهڙن قسمن جي ڪيميائي مادن سان واڳيا ٿين ٿا، انهن جا ڪهڙا خطرا ٿين ٿا ۽ انهن لاءِ ڪهڙن قسمن جي بچاءَ جي اپائن وٺڻ جي گهرج آهي. پيسٽيسائيڊ جي هر دٻي/ پئڪيج تي اهڙي معلومات لکيل هجڻ جي توقع ڪئي ويندي آهي ته جيئن ماڻهن کي انهن جي صحيح ۽ سلامتيءَ سان استعمال ڪرڻ جي ڄاڻ پئجي سگهي. لکيل تفصيل مان خبر پئجي سگهندي آهي ته ڪهڙي قسم جو زهر استعمال ڪيو ويجي ٿو اهو ڪيئن ملايو ۽ ماپيو ويجي ٿو زهرجڻ جي حالت ۾ انجو ڪهڙو علاج ڪيو ويجي ٿو اهو پيسٽيسائيڊ ڪيترو زهريلو ٿئي ٿو ۽ ٻنيءَ ۾ استعمال ڪرڻ کانپوءِ اتي ڪيتري دير کانپوءِ وڃڻ گهرجي.

ڪيترين پيسٽيسائيڊن تي لڳل معلومات ڏيندڙ چِٽڪيون ڏکيون پڙهي سگهبيون آهن. ٻولي مشڪل سان سمجهي سگهبي آهي يا اهي مقامي ٻوليءَ ۾ لکيل نه هونديون آهن. جيئن ته ڪيترن هارين نارين کي اها به خبر ناهي پوندي ته هو ڪهڙي قسم جون پيسٽيسائيڊون استعمال ڪري رهيا آهن تنهنڪري اهڙيون چِٽڪيون، پيسٽيسائيڊن جي سلامتيءَ سان استعمال ڪرڻ جي ڪارج ۾ مڙيوئي ڪو فائديمند ثابت ٿي سگهنديون آهن.

**هت هڪ پيسٽيسائيڊ تي لڳل چِٽڪيءَ جو نمونو ڏجي ٿو. ھيون چِٽڪيون مختلف ٿي سگهن ٿيون پر متن ساڳئي قسم جي معلومات هجڻ گهرجي. ياد رکو ته، جيڪڏهن توهان ڏنل هدايتن تي مڪمل طرح سان عمل به ڪريو تنهن هوندي به اهي توهانکي ۽ توهانجي ماحول کي نقصان پهچائي سگهن ٿيون.**



NO PEST
ABC ChemCorp
INSECTICIDE

Reg. No. M7485

ACTIVE INGREDIENTS
deltathion (1,2 phospho-(5)-4 chloromethane)
50% ..........
50% .......... INERT INGREDIENTS
100% .......... TOTAL

KEEP OUT OF REACH OF CHILDREN

POISON DANGER
PELIGRO

**احتياطي ڳالهيون**

ڊگهين ٻانهن واريون قميصون ۽ ڊگهيون سلواروں پايو اکين جي بچاءَ لاءِ مکوٽو/ عينڪ ۽ دستانا پايو. ڪجهه کائڻ پيئڻ ۽ تماڪ ڇڪڻ کان اڳ ۾ هٿ ۽ منهن ڌوئو. ڪم تان لهڻ بعد صابڻ ۽ پاڻيءَ سان سڄو جسم ۽ وار ڌوئي صاف ڪريو. روزانو ڪپڙا مٽائيندا رهو. ڪيميائي مادن سبب گندا ٿي ويل ڪپڙا چڱيءَ طرح سان ڌوئي صاف ڪري پوءِ پايو.

**عملي علاج**

**انسانن ۽ گهريلو جانورن کي خطرا**

**جيڪڏهن ڳهي وڃجن:** قيءَ نه ڪرائجي. جيئن ته منجهن ائرومئٽڪ پيٽروليم ڳار ٿئي ٿو تنهنڪري هڪدم ڊاڪٽر يا پوائزن ڪنٽرول سينٽر جي ڪنهن عملي کي گهرائجي. **اکين ۾ ويون هجن** ته گهٽي پاڻيءَ سان گهٽ ۾ گهٽ 15 منٽن تائين اکيون ڌوئبيون رهجن. ماهر ڊاڪٽر سان صلاح ڪجي. **چمڙي کي لڳيون هجن** ته صابڻ ۽ پاڻيءَ سان چڱي طرح ڌوئي صاف ڪجن. ساڙو برقرار رهي ته طبي سهائتا حاصل ڪجي. **ساهه رستي داخل ٿيون هجن** ته اهڙي فرد کي هڪدم تازي هوا ۾ آڻجي ۽ ڪنهن ماهر ڊاڪٽر سان صلاح ڪجي.

پيسٽيسائيڊ جا چست وکر اهڙا ڪيميائي مادا آهن جيڪي پيسٽ کي ماري سگهن ٿا.

هن مان خبر پوي ٿي ته پيسٽيسائيڊ ڪيتري زهريلي آهي. ان لاءِ هتي جيڪي لفظ پڙهي سگهو ٿا اهي آهن:



**خطرو، زهر** هي انتهائي خطرناڪ پيسٽيسائيڊون آهن: هيءَ تصوير: خبردار، زهر يا خطري بابت آهي ته انجو ننڍڙو مقدار به موتمار آهي.

**خبردار** ـ انتهائي زهريلي

**احتياط** ـ هي گهٽ ۾ گهٽ زهريليون هونديون به صحت جا سنگين مسئلا پيدا ڪري سگهن ٿيون.

هي اها ڳالهه ٻڌائين ٿيون ته، هن پيسٽيسائيڊ جي استعمال دوران توهانکي ڪهڙا بچاءَ ڪرڻ گهرجن.

اها ٻڌائي ٿي ته زهرجڻ جي حالت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي. اها ڳالهه هن سبب به اهم آهي جو ٻڌائي ٿي ته اهڙي فرد کي الٽي ڪرائڻ گهرجي يا نه.




ان جو مطلب ٿيو تہ هيءَ پيسٽيسائيڊ رڳو اهو فرد خريد ۽ استعمال ڪري سگهي ٿو جنهن ڪي اهڙي سکيا مليل هجي. جڏهن تہ زرعي دوائون ۽ سامان وڪڻندڙ ڪمائي خاطر ڪنهن کي بہ وڪڻي سگهن ٿا.

**محدود استعمال واري پيسٽيسائيڊ**

محدود استعمال ٿيندڙ ڪا ريزڪي پيسٽيسائيڊ رڳو هڪ اهڙي فرد کي وڪڻي آهي جيڪو ڪنهن ماهر جي نظر هيٺ استعمال ڪري يا اهڙن فردن کي پنهنجيءَ نظرداريءَ هيٺ استعمال ڪرائڻي آهي ۽ اهي بہ رڳو ان مقصد لاءِ جن لاءِ استعمال ڪندڙ کي مليل سرٽيفڪيٽ ۾ انجو ذڪر ڪيل هجي.

**ڊاڪٽرن لاءِ هدايت:**

ڪابہ "پيسٽ". ڪولينيسٽريس بنجيندڙ (cholinesterase inhibitor). نٿي ٿئي تنهنڪري علاج، علامتن/ نشانين آهر ڪجي. جيڪڏهن ڪو پيسٽيسائيڊ ۾ وائکو ٿيو هجي تہ انجي رتاب (رت جي پاڻيٺي حصي) ۽ ڳاڙهن جزن جي ڪولينيسٽيرئز تپاس ڪرائڻ سان انجي شدت جي خبر رکي سگهجي ٿي. اهڙين حالتن ۾ ائٽروپين دوا انجيڪيشن رستي هڻڻ بهتر ترياق سمجهيو وڃي ٿو.

**ماحولياتي خطرا**

هيءَ پيسٽيسائيڊ مڇيءَ ۽ جهنگلي جيوت لاءِ انتهائي خطرناڪ ٿئي ٿي، تنهنڪري پاڻيءَ يا ويٽلئنڊن (swamps, bogs, marshes, and potholes) تي سڌي سنئين هڻڻ نہ گهرجي. ساڳئي طرح سان هن پيسٽيسائيڊ لاءِ استعمال ٿيندڙ مشين/ اوزارن جي ڌوپ رستي يا غلاظتن اڪلائڻ رستي پاڻي غليظ نہ ڪجي.

**ڦوهاري ڪيل علائقن ۾ داخل ٿيڻ**

نہ تہ پاڻ وڃجي ۽ نہ ئي ڪنهن پورهيت کي ڦوهاري ڪيل هنڌ/ علائقي ۾ منع ڪيل عرصي جي 12 ڪلاڪن تائين وڃڻ ڏجي.

جن پورهيتن جي اتي وڃڻ جو امڪان هجي تنکي لکت ۾ يا زباني اهڙو چتاءُ ڏئي ڇڏجي.

**استعمال لاءِ هدايتون:**

نو پيسٽ (no pest) جو فصل جي قسم آهر ڏنل هدايتن موجب مخصوص وزن استعمال ڪجي. ٽيبل ۾ ڏسيل طريقي مطابق پاڻيءَ جو اڌ مقدار ڦوهاري جي دٻي ۾ وجهي ملائجي. ساڳئي طرح سان نو پيسٽ جو ڏسيل مقدار ڦوهاري (spray mix) ۾ ملائجي. باقي بچيل ۾ پاڻي ملائي تيستائين لوڏبو رهجي جيستائين سڄو ڳار استعمال ڪري نٿو ڇڏجي.

**گدام ڪرڻ ۽ نيڪال ڪرڻ**

پيسٽيسائيڊ دوا رڳو پنهنجي اصل ٿانوَ ۾ رکجي. اهڙا ٿانو سٺيءَ طرح سان بند ڪري ۽ اُڀا رکجن. گهٽيءَ گرمي سرديءَ کان بچائجن، سمڻ ۽ وهڻ جي صورت ۾ ڪنهن بہ ڇهندڙ شئي جهڙوڪ: واريءَ، ٻُوري ۽ مٽيءَ وغيره سان جذب ڪري صاف ڪجن. ڪيميائي گند ڪچري سان گڏ اڪلائي ڇڏجن.

اهڙن ٿانون جي نيڪال ڪرڻ لاءِ اهي 3 دفعا ڌوئجن ۽ اهڙو ڌوپ وارو پاڻي ڦوهاري جي دٻي ۾ لاهي ڇڏجي پوءِ اهڙي ٿانوَ کي سوراخ ڪري لاڳاپيل مقامي اختيارن جي ڏسيل طريقي مطابق ضايع ڪري ڇڏجي.

ڊاڪٽرن لاءِ زهرجڻ جون نشانيون ۽ علاج. اهو ئي سبب آهي جو جڏهن بہ ڊاڪٽر سان ملڻ وڃجي تہ هميشہ پيسٽيسائيڊ تي لڳل چٽڪي لاهي پاڻ سان کڻي وڃجي.

جيڪڏهن چٽڪيءَ تي ائٽروپين لکيل هجي تہ اها هڪ انتهائي خطرناڪ پيسٽيسائيڊ هجڻ جي نشاني آهي.

**ويساهي (رسٽرڪٽيڊ اِنٽري انٽروَل)**

سڏجي ٿو ان وقت کي جيڪو پيسٽيسائيڊ استعمال ڪرڻ کانپوءِ اهڙي هنڌ کان اوس پري گذارڻو آهي تہ جيئن پوءِ اتي ڪوبہ فرد بي خطري داخل ٿي سگهي. اهڙي ويساهي 4 ڪلاڪن کانوٺي 3 ڏينهن تائين ٿي سگهي ٿي.

هيءَ پيسٽيسائيڊ ڪيئن ملائجي، پرجي، هڻجي، گدامجي ۽ اڪلائجي.



**ڪلر ڪوڊنگ**
(Color Coding)

ڪيترن هنڌن تي پيسٽيسائيڊن جا دٻا مختلف رنگن ۾ وڪرو ڪيا وڃن ٿا. رنگن رستي سمجهي سگهجي ٿو تہ منجهن پيسٽيسائيڊون ڪيتريون زهريليون آهن. دنيا جي مختلف ملڪن ۾ اهڙن رنگن جي مختلف معنيٰ ٿئي ٿي. توهان پنهنجي علائقي ۾ اهڙن دٻن جي رنگن جي معنيٰ سمجهو.